SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XVIII مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.XVIII OF 1984

سنڌ پرائيويٽ ڪاليجز (مينجمينٽ ۽ ڪنٽرول) (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH PRIVATE COLLEGES (MANAGEMENT AND CONTROL) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

(CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ آرڊننس X مجريہ 1970 جي دفعہ 5 جي ترميم.

Amendment of section 5 of Sind Ordinance X of 1970

سنڌ آرڊيننس نمبر XVIII مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.XVIII OF 1984

سنڌ پرائيويٽ ڪاليجز (مينجمينٽ ۽ ڪنٽرول) (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH PRIVATE COLLEGES (MANAGEMENT AND CONTROL) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[27 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس، جنھن سان سنڌ پرائيويٽ ڪاليجز (مينجمينٽ ۽ ڪنٽرول) آرڊيننس، 1970 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمھيد (Preamble)

جيئن وفاقي شرعي عدالت پرائيويٽ ڪاليجز مينجمينٽ ۽ ڪنٽرول سان لاڳاپيل قانون ۾ ڪجھ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

جيئن تہ سنڌ پرائيويٽ ڪاليجز (مينجمينٽ ۽ ڪنٽرول)

آرڊيننس، 1970 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي:

جنهن ڪي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977ع جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي روشني ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ناهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پرائيويٽ ڪاليجز (مينجمينٽ ۽ ڪنٽرول) آرڊيننس، (ترميم)، 1984 سڏيو ويندو.
(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ آرڊننس X مجريه 1970 جي دفعه 5 جي ترميم.
Amendment of section 5 of Sind Ordinance X of 1970

2. سنڌ پرائيويٽ ڪاليجز (مينجمينٽ ۽ ڪنٽرول) آرڊيننس، 1970 جي دفعه 5 ۾ ذيلي دفعه (1) کانپوءِ هيٺين نئون دفعه کي شامل ڪيو ويندو:-

”(1_A) چيئرمين يا ميمبر کي اهڙن سببن جي بنياد تي عهدي تان هٽائي سگهجي ٿو جيئن طئي ڪيو ويو هجي:

شرطيه چيئرمين يا ميمبر جي برطرفي جو حڪم هن کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ بنا جاري نه ڪيو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.